# ٻنڌن

*Bandhan…*

## سندري اتمچنداڻيءَ

جون

## شاهڪار ڪهاڻيون

*(Sundri Uttamchandani)*

www.sundriuttam.com

www.sindhisangat.com

Download free Sindhi movies from www.sindhisangat.tv

## فهرست

1. کير پريا هٿڙا
2. مان ترسنديس
3. جيئڻ جي تمنا
4. نينهن جا ناتا
5. ساٿي
6. ولايتي گهوٽ جي ڳولها
7. سنڌي ٿي ويا داڻو داڻو
8. ٻنڌڻ
9. ڏيهه ٿيو پرڏيهه
10. مني کهاڻي
11. پکي سونهبو پنهنجي

# جيئڻ جي تمنا

سچ ته منهنجي جيوت جو جهاز ڪڏهن ڪو ٽٽي چڪو هو. پر وچ سير ۾ لڙهندڙ انسان ڪي ڪوئي تختو هٿ چڙهي وڃي ته جيئڻ جي تمنا منجهس ڪيئن نه ڀرپور زور لڳائي جاڳي اٿندي؟ ليڪن ان مهل ڄاڻ جو ڀريس ته سامهون مانگر مڇ تاڙيو وينو آهي انهيءَ تختي ڪي ته ڪهڙي حالت ٿيندي انهيءَ تختي سان لپٽيل انسان جي! ٺيڪ اها حالت آهي اڄ منهنجي ڪنهن وقت لئين پيو لڳيم ته هنن پيرن ۾ وڏيڪ ٽاقوڙا هڻڻ جي سگهه ئي ڪانه رهي اٿم.

مگر هن پنجٽيهه ورهين جي سندر جوان اپريل اسريل سرير اندر جا جيئڻ جي تمنا ڪوٺان ڪوٽ پري پيئي آهي ان ڪي ڇا ڪريان!

مگر جيوت جي هن آخرين گهڙيءَ ۾ ٻه ماضيءَ جا ورق لئين پيا اکين اڳيان دهرائجن ڄڻ انهن جي مون سان ڏاڍي گهري دوستي آهي.

جيوت جو جهاز ٽٽڻ کان اڳ ٻه هو ئي منهنجا ساٿي هئا ٽٽڻ جي ويچار تي ڪل پيئي اچي. جهاز سڄو هوئي ڪٿي؟ جنهن غريبيءَ ۾ جنم ورتم سا ته پراڻي تن لڳل ٻيڙي هئي، جهاز ڪٿي هو! هن ٻيڙي ۾ اُما هر سال هڪ جيو جي واڌ ڪندي ٿي ويئي. ٻيڙي ٽٽي تنهن کان اڳ اما جي همٿ ٽٽي پيئي.

ٻلبو ڪم ٿان ڳهي جو اچي گهر جي ننڍڙي ڪمري اندر اسان ڊزن ٻاتين جي ٻاندر سينا جي وچم پوندو هو ۽ ”خميس ڪانهي، اڄ ڪتاب ڪونهي“ جي رڙو رڙ ٻڌندو هو ته ٻر تي پوندو هوبس پوءِ اُما سان سندس چڪري شروع ٿي ويندي هئي. ڪانو ڪي لڙڻ مزو! اسين ٻار ماءُ پيءُ ڪي وڙهندو ڏسي پاڻ ۾ خوب ٺونشا ٺونشي شروع ڪري ڇڏيندا هئاسين لڪن پراڻي ٻيڙي ڪي ڄڻ ڄڻ لهرڪو ايندو هو ٺڻ ٺڻ اسين پاڻ ڪي مضبوطيءِ سان جهلڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. وڙهڻ ۾ وڏيڪ هوشيار ٿيندا هئاسين.

هڪ ڏينهن ٻيڙي ماڻ ٻار گهٽڪڻ جي قطب نما جي سئي منهنجي ننڍي ۾ ننڍي پاءُ طرف ڦري ويئي. ڪنهن شاهوڪار ٻي اولاد عورت ڪيس هڪ سوني زنجير ۽ ڇئن سون رپين ۾ خريد ڪرڻ چاهيو. آڌي رات جو اُما جو رودن منهنجي ڪن تي پيو. مان اکيون ٻوٽي ڪن ڪڙا ڪري هن ٺئين طوفان جي گذري وڃڻ جي راهه تڪڻ لڳيس.

اُما سڏڪا ڀري چئي رهي هئي: مان پٽ جهڙي شيءَ ڪيئن ڪڍي ڏينديس. چوان ٿي پٽ ڏاڍي وڏي وُٺ اٿيئي نه ته دنيا چو پٽ پٽ ڪري مري ها.

ڀالي ڀولي اُما اهو ڪيئي سمجهي ته هن غريب شاهوڪار سرشتي جا نيم هر انسا ن سان سا ڳيءَ طرح لاڳو نه ٿيندا آهن. غريب وٽ جوئر جي ماني مني لڳندي آهي. شاهوڪار وٽ ان جو ميناج ليکي ۾ نه هوندو آهي ٻلبي ته ان سچ ڪي خوب ڄاتو ٿي تڏهن ٻه چيائين ٻس ڪر ڳهيلي، آڌي رات جو نند ڪٽي ڦٽايي اٿيئي. پٽ پٽ پٽ . پٽ ته ڪتيون ٻليون ٻه پيئون ڄڻين.

ليڪن هيءَ نادان دل جا غريب چاهي

شاهوڪارجي ڇاتي ۾ هڪئي جذبي وهيڻي هوندي آهي، ان جي ڀاو سان ڪير پڄي.

اُما اُتي پٽ ڪي گود ۾ کڻي اوڇنگارون ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيون. منهنجي وڏي پيڻ ۽ وڏو ڀاءُ ٻه اُتي وينا. ڪيڏيءَ وڏي دل سان هنن لڙاڪو سپاهي ٻڻجي اما جي ممتا کي ٻچاءَ ڏيڻ جو آٽت ڏنو.

ان لاءِ سبب اجا ٿئين ٻه مان نه ڳولي سگهي آهيان ٻنهي چيس ٻس ڪر اُما! صبح جو اچي ته سهين اها ريشمي پڙي واري ڏندر، ته ڪيئن ٽا درٻاهر ان ئي نوڪدمشن جوبورڊ ڏيڪاريونس.

لاءِ ڦاسيءَ جي رسيءَ ٻڌجي پوندي تہ مان انکي ٿوڙيءَ ٻاهر نکري ويندس.

لڳي ٿو منهنجي هٿ ۾ لفافو ناهي، هڪ دوست جو نينهن جي ناٿ جو اڳيان وڌايل هٿ آهي.

# ساٿي

گهڻي مشڪلات کانپوءِ هڪ اسڪول ۾ نوڪري ملي ويئي. فضا ۾ گيت گونجڻ لڳا. شيد هونءَ به گيت گنجندا هئا پر منهنجي من نوڪريءَ جي چنيا ۾ چور. زندگيءَ جي مناس کان ڪجهه وقت لاءِ منڪر ٿي پيو هو. اڄ وريءَ به پهاڙن تان لهندڙ ڌارا کي رڪاوٽ دور ٿيڻ تي نچي نچي ٻڪئي ٻڪئي، هيٺ لهڻ جو موقعو مليو هو.

مان صبح جو ڪلف لڳل ساڙهيءَ جو پلئه هوا ۾ لهرئيندي، اسڪوس جي عمارت جا وڏا وڏا ڏاڪا ٽپندي، پرار ٿنا تي اڇي حاضر ٿيس. سڄي اسڪول جا ماستر ماستريائيون شاگردن جي قطار اڳيان صداقت سانءَ بينا هئا. منهنجو من ته اڄ هڪ هڪ ٿئين مهاندي کي عجائب گهر جي چيزن وانگر چتائي چتائي ڏسڻ ۾ مشغول هو. نظر ڦرندي ڦرندي هڪ قداور ماستر تي اٽڪيءَ بيهي رهي. منهنجي دل ۾ هن لاءِ هڪ تشبيهه نهي ويئي، "وڏي ٿڙ وارو وڻ". هو پرار ٿنا مهل پهرين ڪجهه وقت اکيونءَ بند ڪيوءَ بيٺو هو، پر ٿوري دير کانپوءِ اکيون کولي يڪ ٽڪ ڏسندو رهيو. خبر ناهي ڇا ٿي ڏٺئين. سندس اڳيان اهڙي چيز ته هئي ڪانه جلئين ڇئجي. مانءَ برابرا ٿئين هئس، پر هن مون ڏانهن ته ڪونه ٿي ڏٺو. پرار ٿنا پوري ٿيءَ بارن جون قطارڱن هلڻ لڳيون تهءَ به هي شخص اهڙي ڪودرشيه ڏسي رهيو هو جو سڀ قطارون لنگهنديون رهيون پر هو ان ڏسڻ ۾ ٿئي مگن هوءَ بين ماستريائين سان گڏ مانءَ به سندس اڳيان لنگهي ويس ۽ ويندي ويندي ڏٺم ته سندس ويجهو اچڻ مهل هڪ ماسترياڻي عطر سان تر ومال کي مٺ جمان آزاد ڪري، هوا ۾ لوڏئيندي سرهاڻ پکيڙيندي ويئي. مون دل کان پڇيو، "هنءَ ٿئين ڇو ڪيو؟" دل چيو، مينڪا کي ڪين شؤق ٿيو هو وشوامتر جي اڏولتا کي لوڏئڻ تي!" پر هيءُ رشي ته اَچل ڪڙو هو.

اسڪول ۾ ٿنون ڪم سنڀاليندي به ٿي ڏينهن هيءُ شخص، ٿئين ڇئجي، ته مونکان وسري ويو هو. پر جلئين پنهنجا پير ڪتل سمجهيم، تلئين منهنجي نگاه "هن وڏي ٿڙ واري وڻ" کي زمين ۾ ڪتل پاڙن کان وٺي ٿارين پنن ويندي سندس پاڇي تئين ڊوڙي ڊوڙي جا چڻ لڳي. هڪ ڳالهه هنءَ بلت ڏاڍي عجيب لڳي. سڀ ماستر ماستريائيون ڪيس "بابا" چوندا هئا، پر هڪ ماستريائي ڪيس "پيئو" چوندي هئي. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته اها سندس ڌيءَ هئي. مون رسيس مهل يڪدم وجي ڪيس واڌايون ڏنيون. چيم، "ڀاڳن واري آهين، جو هڙو پيءُ تنهنجو بابا آهي". هو کلي کلي وجيءَ بيٺي ٿيندي، چيئين "وچءَ بابا ته تنهنجو هوندو، سڄي جڳ جو هوندو، مان ته ڪيس "پيئو" چوندي آهيان".

مان للبت ڦڪي ٿي ويس، ليڪن هار مڃڻ واري ڪين هئس، کلي چيم، " هڙي ماڻهوءِ کي مانءَ بابا ته ڇا، پر پنهنجو ساٿي سڏڻ ۾ به آر نه ڪريان".

"ساٿي" اکر تهءَ بيون سڀ ماستريائيون وري کلڻ لڳيون. پر اوچتوئيءَ بابا ماسترءَ بيٺو هو. هو چئي رهيو هو، "سچ ڪڪي! اسينءَ بئي اڄ کان وٺي هڪبئي جا ساٿي آهيون. " ۽ هڪ ڪرسي سيري ويهي رهيو.

چانهه اچي ويئي هئي. مون چاه جو هڪ ڪوپ، ٽري مان کڻي ساٿيءَ جي اڳيان وڌئي چيو، "ڪامريڊ" ۽ ٿئين محسوس ڪيم جڻ "ساٿي" اکر جيڪا سيني ماستريائين جي منهن تي کيان کشي چڏي هئي، ان جو ڏاڳو "ڪامريڊ" اکر سان هڪ ٿڙ ڪندڙ آواز ڪري ٽٽي پيو ۽ ڪمان هڪدم سڌي ٿي ويئي.

ٻئي ڏينهن ساڳي رسيس جي مهل هئي. هڪ ماستريائيءَ مونسانءَ بحث ڇئي ڪيو ته انگريزي ۾ ايترا ته گهڻا اکر موجود آهن، جو ماڻهو انءَ ٻولي ۾ پنهنجا خيالءَ بلڪل آسانيءَ ۽ نزاڪت سان ظاهر ڪري سگهيٿو.

"سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ به پنهنجا خيال نزاڪت سان ظاهر ڪري سگهجن ٿا!" ساٿيءَ بلڪل نهر سان منهنجي پنيان ڇئي ڏنو. الاجي ڪتيري دير کان هو اتي موجود هو. مان ذرا ڇرڪي ويس. پاڻ سنڀالي ڪرسي تان اٿي ساٿي کي وهڻ لاءِ آڇ ڪيم ۽ هوءَ بنا مهرباني مڃڻ جي ويهي رهيو. سيني ماستريائين کي مخاطب ٿي پنهنجو پاسو پيش ڪندي، هو چوڻ

لڳو. شاه پنهنجي رسالي ۾ عورت کي گهٽ ۾ گهٽ ويهن نالن سان سڏيو آهي، ان لاءِ هن ڪئين اکر ڪتب آندا آهن. سنڌيءَ جو پورو پورو گيان هجيوَ ته ڏسو سنڌيءَ ۾ پنهنجا خيال سهڻي نموني ظاهر ڪري سگهو ٿيون يا ٻولي ڪئين ٻاهر چوڻ ته سنڌيءَ ۾ اکرءَ ڪونهن سا ته وڏي ارهه زوري آهي.

پيو ڪير شايد هيءُ اکر چوي ها ته مونکي پورو وشواس ٿئي ها. مگر ساٿي انسان جي اهڙي هو جنهن کي ڏسندي مان ودهي ويني هئس ته هي ڪو وڏو وينجهار آهي. جنهن کي هيرن لالن جي پوري پرک آهي. منهنجي اڳڪٿي غلط ڪانه نڪتي. پوءِ ڏينهن ۾ مون کي معلوم ٿي ويو ته ساٿي هڪ بزرگ ليکڪ آهي. سنڌ ۾ پلار ۽ هيس نندي شهر ۾ سو مونکي کهڙي ڪل ته هي صاحب ڪراچي جي مشهور معروف هستي آهي.

هڪ ڏينهن سنڌي ساهت سميلن ڪاميٽي جي ميٽنگ تان موٽي رهيا هئاسين ته ساٿيءَ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "ڪڪي، تو ڪٿي پاڻ نڪتي رکيو هو؟" مان ڪجھ نه سمجهي سگهيس. ميٽنگ ۾ ته ساٿي جي هڪدم سامهون تي ويٺي هئي! کن رکي وري چيائين، "تون ناول به لکندي آهين؟" منهنجي دل ۾ آنڌي مانڌ مچي ويئي ته هيءُ ڦلڪڙ انسان منهنجي لکڻيءَ تي الاجي کهڙي ٽيڪا ڪندو. ليڪن جڏهن ساٿي چيو، "ناول ۾ جنهن ٻهڳڻي ٻولي چتر ۾ ويهي چٽيا اٿئي ان لاءِ توکي داد ٿي ڏيان" تڏهن هن درياه دل انسان لاءِ شرڌا کان منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو. ساٿي ڪلي چيو، "تون ترقي پسند ليکڪا آهين؟"

مون ڪنڌ ڌوڻيو. تڏهن چيائين، شاباش آهي توهان ترقي پسند ليکڪن کي جن سنڌي ساهت ۾ سٺي پرمار ڪئي آهي."

مان ٻه ڀيرا ساٿي جي گهر هلي وينديهيس. هڪ ڏينهن ڪيس ٻستري تي ليٽيل ڏٺم. مضبوط سير هڪ رات ۾ ٿئي لبل ٿي ويو هو. ساٿي جي ڌي اکين ۾ نير ڀري مونکي ٻئي ڪمري ۾ وٺي ويئي. چي، "پيءُ ڊاڪٽر کين آرام ڪرڻ لاءِ چئي ويو آهي. پر رات کان وٺي الاجي کهڙا لٻول پيو ٻولي."

مون چيو، "ڇا ٿو چوي؟"

ڌيءَ ڌجهندي چيو، "چوي ٿو: مان هن ڀيري ڪٿ تان ڪين اُٿي سگهندس. پر منهنجي مرڻ تي اچا اصل ڪانهي. پلا سڄي عمر ڪيئين سچ جي ڪمائي سو ٻيماري مان ڇٽڻ لاءِ پئسو ڪٿان اچي!"

مان ولڙي تي ويس ٻه ٻلبا ...... ساٿي..... موت! هڪ عجيب سناٽو لڳي ويو. ڄڻ دل جي دک ڪٻيهي ويئي. مان ڏيري ڏيري وڃي ساٿي جي ڪمري ۾ ويهي رهيس. هو جاڳي پيو. مونکي ڏسي چيائين، "ننيڙي شاخ اچي ويئينءَ؟"

چيم، "توهان کي خبر آهي ڇهه ڇهين دفعي توهان کي ڏسي مون دل ۾ ڇاچيو هو؟"

"ڇاچيو هوءِ؟"

"مون چيو هو: وڏي ٿڙ واري وڻ."

"پر جنهن وڻ جي پاڙي کي ڪيڙو لڳل آهي، اهو وڏو ٿڙ رکي ڇاڪندو؟" ساٿي جي اداس نگاه ساري ڪمري جي ديوار تان ڦرندي ڦرندي دروازي تي پهچي ويئي. ڄڻ چئي رهي هئي، "الوداع ننيڙي شاخ!"

مان "الوداع" اکر جو تصور ڪري ڏکي ويس. ساٿي چيو، "سالن کان هي نگري ٻيماري هلندي اچي، پر هميشه هٿ تنگ هو. هاڻي ته ٻيماري رڳ رڳ کي وڪوڙي ويئي آهي..."

مون کي ساٿيءَ جي شاهوڪار دماغ جي ته گهٽي ڄاڻ هئي، سو چيم، "توهانجو هٿ تنگ ٿيو. ته ڇاٿيو توهين سناج جي ملڪيت آهيو. توهين ڇو ٻيمار رهو؟"

"هن سناج جي ملڪيت؟ . . ." ساٿي کلڻ لڳو. هڪ ڦڪي نراس کل. جنهن مان ساري زندگي جون نااميدون ۽ حسرتون ٽپڪي پيئون. "ڪڪي، هن سناج ۾ ته رپين پئسن کي ئي ملڪيت سڏيو ويندو آهي. انسان کي ملڪيت سمجهڻ ته شايد ٻي ڪنهن قسم جي سناج ئي سيکاريندي!"

ُان رات مونکي ننبڊ ڪينه آئي. ساٿي جون نا اميد نگاهون درين درن، طاقن پٽين تان هلديون اچيو اڳيان بيهن. صبح جو اک لڳي ويئي ته ڏسان هڪ سخت طوفان اچي رهيو آهي ۽ ان ۾ هڪ وڏي ٽڙ واروبڙ جو وڻ، پاڙن کان ڇڪجي ڇڪجي، زمين کان زوري پنهنجا پلءَ ڇڏائي، ڌڙام ڪري پٽ تي ڪري پيو. مان ڪيڪ ڪري جاڳي پيس.

صبح جو اسڪول ۾ ويس پر پاڙهڻ تي من نه پيو لڳي. دل جو تهن مان هڪ سڏ پيو اچي، "ساٿي!ساٿي . . . . او ساٿي"

موڪل کان اڳ ئي ٻلبلا جي گهر ڏانهن قدم هليويا، مگر چائنٽ وٽ اچي پاري ٿي پيا .......ٻلبلا جو وڏو وڏو سرير پٽ تي لاٿو ويو هو. سندس مٿن وٽ ڏيئو رکيو ويو هو. ساهت جو گهوٽ لاوٽن ۾ ويڙهيو ويو هو.

مان هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيس. هڪ ٻيڙي پار ڪدي ڇئي رهي هئي، "هاءِ منهنجي لالڻ ڪٿين ڏينهن ڪٽڪ ڇڇٽي ۽ هڪڙي ڪتل تي به گذ ڪيو، پر پنهنجي لوڌ نه لاٿائين، هاءِ فاقن هٽي منهنجي لاڏل جون رڳون ئي نچوڙي ورتيون. . .

"

منهنجين اکين مان برسات ٿمي پيئي. ڪٿين انسان آيا ڪٿين ويا. شام ٿئين گلن جا ڍير لڳي ويا. مان ڪهڙا پشپ چاڙهيان؟ مونکي لڳين محسوس ٿيو ڄڻ منهنجن هٿن جون آڱريون رتورت ٿي پيئون آهن، منجهائئن رت جا ڦڙا ڳري ڳري لڪي رهيا هئا:

"ساٿي، جا سماج توکي پنهنجي ملڪيت نٿي سمجهي ان جي نسن مان رت ضرور سڪي ويو آهي. ساٿي، مان پنهنجي قلم سان انجي رت واهڻن ۾ پريل گند کي ڪرڙي ڦٽي ڪنديس. مان هيئر لکنديس، ساري عمر لکنديس. . ."

نوٽ:ــ هيءَ ڪهاڻي سر ڳواسي شري لعلچند امرڏ لومل جڳتاڻيءَ جي مرتيوءَ (اپريل 1955 ۾) جي صدمي جي اثر هيٺ لکي هئم. جيتوڻيڪ ساڻس ٻن ٽن دفعن کان وڌيڪ ملاقاتون نصيب نه ٿيون تڏهن به سندس شخصيت مون تي ڪافي اثر ڇڏيو، جنهن مان مٿين رچنا جنم ورتو آهي، جا حقيقت ۽ ڪلپنا جا ميلاپ آهي جئن اڪثر ڪهاڻي ٿيندي آهي.

سوات جو جڏهن سلوچنا ۽ ماڻس چولرو ڏسي موتيون ته ڏاڍيون سرهيون ٿيون ٿي لڳيون, وينيون ڪرڻ.

موتل چيو, اما وڏي چوڪرو ته عينڪبين ولائتي هو. اڙي ماءُ ته هڪسڪي يورپين, پر ننڍيڪي مري ويئي اٿس. رڳو پيءُ سنڌي اٿس.

اماچيو, "نه نه, ولائت ۾ ته گهٽيئيڪانهون مليس, پرمڪي پيءُ پٽ چون ٿا, انڊيا جي چوڪري ٿيندي آهي قول جي سچي ۽ وفادار."

اما چيو," پر موتلڪي ! توهه ڪي چوڪري ڪي ڪڙڪايو ره ليرپي! چوڪري ته وفادار ڪپيئي, پر توڪ جهن وانگر وفادار رهندين؟"

سلي چڙڪ پري چيو, "او... او..... اهو ته اسان پچوئي ڪين! ممي! اما ته هي ڳالهه نيڪ ٿي چوي."

ماڻڪ اما جي پاسي وينو هو. سلي ڪيڇيڙيڪڻ جي نوع ۾ چيئين, "سو هيءَ, مس سلي سپاٽي ويندي اها ڳالهه ولائتيگهوٽ ڪان پڇڻ."

سلو چنا اون اون ڪندي چوڻ لڳي, "اما ڏس ماڻڪ مونکي سلي چيو, چا مانهبيو قوف ٿي لڳان؟"مئين چوندي ماءُ جي گوڏي تي ليٽي پيئي.

اما وڏي چيو,"بيوقوفن ڪي تڏهن سگهه ٿيندا آهن چا؟" اسان سيني ڪان ٺهڪ نڪري ويو. سلي ڪنڪئي وڌيڪ اون اون ڪرڻ لڳي.

اما وڏي چيو, "موتل هيرايو ته ڪهڙو اٿيئي ڏي ڪيمباويهن ورهين جي چوڪري اجا پاڻڪيہار پيئي سمجهي. ڏاڍو لاڏ رکيو اٿيئيس .... "

موتل وراڻيو, "لاڏ ته اجا ڏنا ڪين اٿوس. پڻس ڪان ته جيڪي گهري سو لهي." ااهوبڌي سلو چنا کلي کلي اسان کي اڱونو ڏيکاري چيڙيڪڻ لڳي.

ايتري ۾ فون جي گهنٽي وڳي. فون موتل کنيو. فونڪڌنديئي سندس شڪل تيهڪ هارجي ويئي. فون رکي سلک چپن تي چپ ڦيرڻي گهٽڪا ڪلئيندي موتل چيو." چوڪري جو پيءُ ٿو چوي ته سلوچنا پلي نپني ولائت ۾ آهي, سو ان ۾ پارتي چوڪرين جاگڻ ڪونه هوندا. انڪري هي ملٿي نه ٿيندي."

سلوچنا گوڏن جي چوڌاريڪانهون ورڻي ويني هئي. لڏندي چيئين, "ممي تون خيال چوٿيڪرين. پپا ته چيو هو سنڌي چوڪري ڳولجو, رڳو ولائت ڪر ڪندڙ هجي ۽ اماچوي ويني ولائت جو چوڪرو الاجي وفادار هوندو الاجي نه."

ڊگهو ساهه ڪڍي موتل چيو, "چوڪري ڪي ته اسين پنهنجي هڪڙي دڪان تي رکون ها...."

اما وڏي واڪو ڪري چيو, "انهي حساب سان ته هتان جو ڪوبه سنڌي چوڪرو پسند ڪري وني وجو. ولائت ۾ رهندو تبس ولائتي گهوٽ ٿين جو نپو لڳي ويندس. هتي جيمڪگن ڪيڻي هوڻي جهاز وارن جا ليبلڌي ويندا آهيون ته ساڳيوئڪگون ڦارين جون ٿيو پونديون آهن."

اسان کي ڪل چتڪڻ واري هئي جو سلوچنا ڏاڍي سنجيدگيءَ سان چيو, "ائين ته ممي مونکي هڪڙو سنڌي چوڪرو انهن فارين جي سيني چوڪرن ڪان سٺو لڳيتو."

اڪيون ڦاڙي موتل چيو, "ڪٿي ڏٺو تو؟ اسين ته ڪو ديسي چوڪرو ڏسڻي ڪين هليا آهيون!"

سلوچنا ڪنڌ هيٺ ڪري چيو, "پر انکي ته ڪپي ديسي ڪنوار!" هو اک ٽيڏي ڪري ماڻڪ ڏانهن ڏسڻ لڳي.

موتل ساهه روڪي چيو, "اڙي ماڻڪ ته ڪين ٿي چوين؟"

سلوچنا جواب ڪونه ڏنو, پر سڄي ڳاڙهي ٿي ويئي. ماڻڪ ڪان ٺهڪ نڪري ويو. چيئين, "تڏهن هاڻي ولائتي گهوٽ جي ڳولا جو دفتربند ٿيو؟"

سليءَ ماءُ جي گود ۾ منهن وجهي چيو، ڏسين ٿي ممي، وري مونکي چيڙائي ٿو.“

اَما چيو، ”اهو ته سڄي عمر چيڙائيندءِ، خوش دل ڇوڪرو جو آهي. سو تون مڙيئي گهر ۾ئي شڪار تاڙيو ويٺي هئينءَ مانجهه ڇوان هن کي ڪو لاڳاپيل ڇوڪرو آخر ۾ئي نٿو اچي، سو ڇو. اما لک ملنم لڏون تمبه ڪو مالپوڙي مٿ نه پانيان....“

سلوچنا شرمائجي ماءُ کي چيو، ”ڏس وڏي اَمڙ چيڙائي ٿي.“ ماڻس وراڻيو،” سچ ٿي چويئي.“

اَما چيو، ”منهنجو ماڻڪ اٿيئي سچو ماڻڪ. جهڙو آهي پڙهيل ڳڙهيل تهڙو آهي سمجهو سياڻو.“

سلوچنا ماءُ وٽان اٿي اچي اَما جو نرڙ چميو. اَما ڀاڪر پاتس. اجا اتان ڀاڪر مان نڪتي ته مون ڪٽي ڪيس ڇاتي لاتو.

ماڻڪ هي سڀ رنگ ڏسندي ويٺي مرڪيو.

”اڙي اسڪول جا پڙهيس اهي ٽي درجا . پر قوم جا هي حال ڏسي منهنجو ته هنيو پيو هجي....“
پر چاندي اميءَ جو اڻ پڙهيل هونديءَ هي قوم لاءِ کهڪاءُ ڏسي منهنجو من ته اصل چلڪي پيو.

سهاروبڻجي، دک جي گهڙين ۾ کيس پاڻ تي ٺيڪ ڏياري وهاريندو آهي. اها ڳالهه ڪافي دير سان معلوم ٿي ياملئين ته اڳمئي هئي نه ته توهانجو سهارو چو طلبيان ها! پر ان ڳالهه جو ذاتي آزمودو تڏهين ٿيو، جڏهين مان پيڪن ۾ رهيل هئس ۽ گوپ محسوس ڪيو ته مون کي نوڪري وٺي ڏيڻ کانپوءِ هوموکي پوري طرح کلندو نه ڏسي سگهيو هو. هڪ ڀيري ڏسي ٿي چيائين، "تنهنجي آفيس ۽ منهنجي آفيس جي وچم ڪا ڪوهن جي وٿي ڪينهي پوءِ چو ڪين مون وٽ هلي ايندي ڪرين؟"

الاجي ڪهڙي جذبي سمان مان هنجي هي گهر قبول ڪري ويئيس، شايد ڪجهه توکان وري ونڻ جي مراد هئي، ڪجهه توهانجي درشن ڪرڻ جي اڇا هئي ڀهرئين ڀيري توهانجي آفيس ۾ ايندي دل ڌوڙيءَ جيان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي هئي. شڪر جو گوپ جي ميز توهانجي ميز کان گهڻو پري رکيل هئي. مان روز نوان ويس وڳا ڀهري توهانجي ڊپارٽمينٽ مان گوپ سان گڏ نڪري ويندي هئس. ڀهرين ڀهرين ته پنهنجي پٺيان توهانجون مبي پرواهه نظرون محسوس ڪندي هئس پر ڏيري ڏيري ڏنم انهن ۾ جلن اچڻ لڳي. هڪ ڏينهن اچانڪ اهي گهايل پر تتل پکيءَ جون نظرنبڻجي پيئون!

چانهه پيئندي گوپ پڇيو، "تون اڄ ايتري منجهيل چو آهين؟.... ليڪن تنهنجي مک تي هي مونجهاروبه ايترو سندر ٿو لڳي جيترو جل جي ڦوڪڻي ۾ سج جو اندلٺي شعاع جنهن ۾ گوناگون رنگ منجهيا سنجهيا پيا هوندا آهن."

مون ڪنڌ مٿي ڪري چيو، "گوپ مان تنهنجا ڪيترا شڪرانا مڃيان! مونکي پرم ٿي ويو هو ته مان سندر ڪين آهيان وندرلئيندڙ ڪين آهيان ۽ تو ڪيڏي مهل اچي منهنجي ان وهم کي دور ڪري ڇڏيو، خبرئي ڪين پيئي. تو منهنجي شڪل جون ساراهون ڪيون. ٺئيپ تي تڪڙيون هلندڙ منهنجون آڱريون توکي ايترو وڻيون جو ذري گهٽ انهن کي ..... وجهين ها...... ليڪن تون مون لاءِ پوڄا جي مورتي آهين. منهنجي آتما کي دک جي اونهين وادين مان ڪڍي اچي ڀهاڙيءَ تي مشعالبڻئي رکڻ جهڙو مهمان ڪاريه توئي ڪيو آهي....."

هنڀهڪندڙ مک سان چيو، "ڄاڻين ٿي تنهنجي پتي کان شادي جي موڪلبه وٺي چڪو آهيان....."

"شادي جيڀنڌن کي هو پل ايترو ڍلو سمجهي پر مان نه سمجهنديس. منهنجو توسان آتمڪ پريم آهي، اهو ڇا ڪافي ناهي." جيتوڻيڪ انهن اکرن جي کوکلاڻپ مونبه سمجهي ٿي تبه چئي ويئيس، سروج لاءِبه توهان هڪ ڀيريملئينئي چيم هو، "چو شادي کان پوءِ آتمڪ پيار نٿو ٿي سگهي ڪنهن چوڪري سان؟"

گوپ وڏيڪ سلجهيل دماغ وارو آهي. هن چيو، "هنن حالتن هيٺ ته مان آتمڪ پيار کي ڪلبه اهميت نٿو ڏيان. آتمڪ ۽ جسم هڪبئي کان ڌار ڪرڻ پل آهي. دوکو آهي، جو ماڻهن کيڀهڪلئن لاءِ ته ڪافي آهي پر مونکي اهڙي دوکي کان نفرت آهي.

"مان سوچينديس" چئي، ان ڏينهن چانهه پيئڻ کان پوءِ واپس توهانجي آفيس ۾ آيس - منهنجن نظرن دوکو ڪين کاڌو هو. توهينمبرلبر هڪ گهايل پکي جيان مونڏانهن نهاري رهيا هئا. مان پلا ان مهل چاٽي ڪري سگهيس. اکين ۾ جل، من ۾ پيڙا کڻي مونٽي رهي هئس، جو توهانجي سيڪشن وٽان لنگهنديڀتم، "ڪشور جو نصيببه ڦٽل چئجي!" توهانجو نالوڀڌي ڇرڪ نڪري ويو. رومال ڪيرلئي ڇڏيم. اهو کڻڻ لاءِ جهڪئي نئڙيس ننئيڀتم، ڪا چوڙين جي جهنڪار جهڙي مٺي کل کلي چئي رهي هئي. "سروج جي دوستي کي گهٽنئي ان طرح غلط سمجهيو، سندس شادي جو ڪاردِ خبر ناهي ڪيترن جون مرادون مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيون هونديون."

مونکي جڻ ڪنهن جيل مان آزاد ڪري ڇڏيو. پانيم ڍڪ پيلئي واپس اچان. مگر ناري هميشه پيار جي کلئي اظهار کان ٿهندي رهي آهي ۽ پلا ٿهيبه چو ڪين. پرشن کي جو سندس کليو اظهار وٽيئي ڪين.

مان پنهنجي آفيس ڏي آيس اهوئي سوچيندي رهيس ته پرش کي فقط سنگت مان ڍؤ ٿي ويندو آهي، اهلبه حقيقت ناهي. دل ۾ چيم، "اگر وري ڪڏهين گهر وسايوسين ته مان توهانکي پنهنجي سيني سکين ساهيڙين سان خوب ملڻ جهلڻ

جانڪيءَ جيڪي ٻڌو ويٺي سو ڪيس لڳي رهيو هو. سرور جي ڪا ڳالهه ٻڌو ويٺي سو ڪيس مٺين ٻيءَ لڳو جڻ ڏاڍو پري ڪان ڪو پرلاءُ پيو سندس اندرئين من تي پوي. فور ڪٿي ماضي جي تصويرن کي ڏسندي چيائين, ادا اسين جڏهن ننڍيون هيونسين تڏهن تون ڏسين ها اسان جو رهڻ ڪرڻ. انهن ٺيندي هئي ته پاڙي جون نياڻيون گهر گهر ۾ ڪٺيون ٿي ڪرنديون هيوسين. اُچن چانورن جي ڪچڙيءَ مٺان ڪنبڻ ڪي ڏينديون هيون, وڏي ٿالهي ۾ هٿ ڏوئي دعا جا چندا هڻندي. چونديون هيونسين: ان ڏي ڏن, ڏولي ۾ ننهن ڏي, ڪاڪو ڪٺي ڪوڪلا, جوٽس جٽي چوڪرا, اڪڙيءَ ۾ ڪڪ, ڪاڪو ڪٿي آيو لڪ.....”

هاڻي ڪيول جي ڪلڻ جو وارو هو.

جانڪيءَ چيو, ”گهڻو مزو ته ڪارڪتن ۾ لڳندو هو. جوان ڇوڪريون ٻه ٽي ورنيون گڏجي تلسيون يا نوميون رکنديون هيون. اهي ٿي ڏينهن ملڪ اسانکي ديويون ڪري پوڄيندا هئا. اسين به ٽڪاڻي ۾ ٽئي ٻاري پوتي ٻڌي پيا هڪ ٻئي جي گهر ايندا سين ويندا سين. ڪل ڪل جا ڪنداسين ۽ بس گهڻيون گهڻا پيا وڄندا....”

ڪيول به پنهنجي شهر جي ساڳين ئي گهٽين پاڙن جو تصور ڪرڻ ۾ ڪوهيل هو. جيڪي اڄ به ڪيس لڏي ويلن لاءِ اداس اداس نظر ٿي آيا. آهستي چيائين, ”ادي!....”

مگر ادي ڪٿي ٿي ٻڌي. هوءَ ته پنهنجي ٻالپڻ جي ڏينهن جا خواب ڏسڻ ۾ مخمور هئي. چوندي ٻئي ويئي......”اسڪول وارا ڏينهن ته ڏاڍا مزي ۾ گذريا پر ڪاليج ۾ تهڪئين وڏيڪ خوشيون هيون. ڪاليج ڪو ڳوٺ کان گهڻو پري ڪين هو, پر ڪاليج ۾ پوتي ڪير ٻڌي! بس ادا مون به تڏهن فراڪ ۽ ڪرتا سلورون پائڻ شروع ڪيون . منهنجون ڪي سرتيون ته ساڙهيون ٻڌي ايندڀون هيون ڪاليج ۾. اصل جوڙيون پيئون لڳنديون هيون. سندن شاديون به مونکان اڳ ٿي ويئون. مان ته اڄ به شادي ڪانه مڃان ها, ڇو ته مونکي ڊاڪٽرياڻي ٿيڻ تي ڏاڍي دل هئي. پر ڊاڪٽري پڙهڻ جو ڪاليج ته شهر ۾ به ڪين هو....” جانڪي ڏاڍي دلگير نظر آئي.

ڪيول چيو, ”مگر هاڻي ته ميڊيڪل ڪاليج به آهي اسان وٽ. مٺين ته نيون سرڪاري آفيسون اسپتالون, اسٽيشنون به اهڙين نهيل آهن, جو ڏسي اکيون چرخ ٿي ويندو.......”

ڪيول جي ڳالهه ٻڌي جانڪيءَ جي منهن تي ارمان جي ريکا اڄ به گهري ٿي ويئي. چيائين, ”ڏاڍي دل هئم ڊاڪٽر ٿيڻ جڻ تي پر ڪاليج به پورو نه ڪيم.”

ڪيول چيو, ”ادي توهان جي زماني ۾ الاجي ڪيتريون نياڻيون ڪاليج پڙهندون هيون پر هاڻي ته وڏو تعداد آهين زناني عالم جو. مزي جي ڳالهه ته اها آهي جو هاڻي نياڻيون به ڪوشش ڪن ٿيون. ڪهاڻيون الاجي ڇا ڇا پيئون لکن. اصل فصل لهي پيو آهي سنڌي اديبائن جو. ڪي شاهه سچل ساميءَ وارا بيت گيت پيئون لکن ته ڪي ٽئگور پريمچند ۽ شرت چندر وانگر ڪهانيون قصا پيئون لکن, ڪي ته ڪٺي علم ليڪچر به ڪن ۽ ريڊيو ٿي ويءَ تان پروگرام به پيئون ڏين. جوالڙين جو هر ڏس ۾ اڳتي قدم ڏسي توهين ته جيڪر ڏاڍو عجب کائو.”

جانڪيءَ وڏي اتساهه سان چيو, ”اڙي چوين ٿو رڳو عجب کائيندي مان ته ادا اڄ جي پيئي آهيان منهنجي ڳوٺ جون نياڻيون قصا ڪهاڻيون ۽ بيت گيت لکڻ لڳيون آهن واهه واهه, مونکي ته پر هجن ته جيڪر اڏامي وڃي پنهنجي ڳوٺ ۾ پهچان. مان ته آهيان ئي ڪهاڻين جي ڪوڏي. ادا, ڪنواري هوندي به ياد ٿي اچيم, سڳي ٻلبي ۽ چاچي جي چوڏاري اسين ڇوڪريون سڀ ڪمر ڪري وڃي وهندا هئاسين. سياري جا ڏينهن هجن...... سگريءَ تي هٿ پيا سيڪيون ته جهول مان ڏو ڏيون ٻه باداميون ۽ اکروٽ ڪڍي ڦوڙي پيا کائون, پر ڌيان هجي سڄو قصن ٻڌڻ ۾. راڻي مهاپاري جون آکاڻيون, الف ليلا جا قصا, عمر مارئي ۽ سسئي پنهون جون لوڪ ڪٿائون...... ڪيڏي رات تائين وينل ٻلبي ۽ چاچن چاچين واتان ٻڌندا هئاسين. هڪ ڀيري ته عجب جهڙي ڳالهه ٿي گذري. گهر ۾ نائين جي روٽي هئي. مردن جي محفل ۾ دارون جو دور پئي هليو. روپين وٽين ۾ ڦوٽن ۽ مصري وارو دارون ڪنيو ڊڪ ڊڪ ڪري ويٺي پيئائون. مٿان هو ڇهرن ۽ ڪوڪ پلي

# مني ڪهاڻي

پهريئين دفعي شيمپو ڪمپنيءَ جي مشهوريءَ لاءِ شيمپو وڪڻڻ آئي ته "آنٽي" چئي ڳالهايو هيائين. هوءَ سريلي آواز سان انگريزيءَ ۾ شيمپوءَ جا گڻ ۽ قيمت ٻڌائڻ لڳي.....

چيو مانس، "چار ڏاڪڻيون چڙهي آهين. ويهي سامت جو ساهه ته کڻ..."

چؤ طرف نظر ڦيرائيندي هال ۾ وڏي ميز اڳيان ڪرسي تي اچي ويٺي. مون بسڪٽ ۽ پاڻي اڳيان رکيو مانس ته بسڪيٽ جي پليٽ پرتي سيرهي، سهڻين ڊگهين آڱرين سان. اڳيان رکيل ٻرنيءَ مان پاپڙ ڪڍي هٿ ۾ جهلي مون ڏي ڏسڻ لڳي.

آنٽي پلي ڪٿان نه؟" هينئر سنڌيءَ ۾ پڇيائين.

"اڙي واه! تون ته سنڌياڻي آهين؟ مون ته توکي پارسياڻي يا گجراتڻ سمجهو."

"نه آنٽي، مان ته نج سنڌياڻي آهيان. ڊيڊي ممي ڪانوينٽ ۾ پاڙهيو اٿم. انڪري توهانکي سنڌياڻي نه لڳي هونديس."

"شڪر آهي سنڌي پاپڙ ته کاڌءِ."

"پاپر ته مونکي ڏاڍو وڻندو آهي."

"۽ سنڌي ۾ ڳالهائڻ؟"

"وڻندو ته آهي، پر گهر ۾ ممي ڊيڊي هندي يا انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن"

"پوءِ تون ڪيئن سنڌي سکينءَ؟"

"منهنجي سويٽ گرئنڊ ما آهي نه اها رڳو سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي آهي."

"چئبو تنهنجي ڏاڏيءَ تنهنجي گهر ۾ سنڌي ٻولي کي سلامت رکي ويٺي آهي."

"آنٽي منهنجين مرهٽي ۽ گجراتي ساهيڙين جا ممي ڊيڊ گهرن ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا آهن."

"پوءِ توکي تنهنجن ممي ڊيڊن جو سنڌي ۾ نه ڳالهائڻ ضرور نه وڻندو هوندو؟"

"اهو ڏاڍو خراب لڳندو آهي آنٽي. ڏسو نه انگريزن کي ڪيڏو نه پنهنجي ٻولي سان پيار آهي! ڪٿا ڪهي اچن ٿا هتي ڪانوينٽون کولي اسانکي انگريزي سيکارڻ !!..."

هن ننڍيءَ عمر واري ڇوڪري جو هيڏو عقل ڏسي، پيار اچي ويو مٿس. سندس ڪلهو ٺپي چيم، "سنڌي ساهتڪارن به وطن کان وڇڙي، ڪوهه پري رهي به، هتي پنهنجي سنڌي ٻولي جو ٻين اڳيان ڳاٽ اوچو رکيو آهي...."

هوءَ ڪا ڪن سوچ ۾ پئجي ويئي. ڄڻ اوچتو خيال اچڻ تي چيائين، "پر هي شيمپو آنٽيءَ"

مون ڪلائنس شيمپو ته خريد ڪيو پر ڪيترا ڏينهن سندس سوچ ڪندڙ صورت اکين اڳيان ڦرندي رهي. ٻئي پيري جڏهن هوءَ آئي ته در ۾ پير وجهنديئي هن "ڪيئن ديدي" چئي اهڙي حب سان اچي هٿ ملايو، جو مان ته دنگ رهجي ويس. ٻپن تي لڏندي ڏاڍي فلڪ سان چيائين، ٻڌايو ديدي، توهانجي سنڌيءَ جو ڇا ٿي رهيو آهي؟"

ڳل پٽي اندر وٺي آئيسانس. چيم، "توهانجي سنڌي" جو ڇو ٿي چوين؟ اسانجي سنڌي جو ڇو نه ٿي چوين؟"

"ساري(Sorry) اسانجي سنڌي جو ٻڌايو ڪهڙو حال آهي؟"

ٻلبلي سنڌيءَ کي ڌارڻ يا ڌڪارڻ جو ٻار ته هاڻي توهان جوانن جي ڪلهن تي آهي."

"ديدي سچ ٿا چئو."

مون چيو، "اچ پلا ڪهڙي شيمپو يا ڪريم جي مشهوري ڪرڻ آئي آهين؟"

”اڙي نه، اڄ مان هڪڙي تمام وڏي مقصد لاءِ ملڻ آيو آهيان.“

”تمام وڏي؟ اڪيون چيني چيم. هن 19– 20 ورهين جي ڪنڌيءَ ڪي چيرڻ تي ڏاڍي پئي دل ٿي. پر پاڻ گنيپرتا سان اڪيون قاڙي چيائين، ”ها ديدي، اسانجي ڪالونيءَ ۾ هڪ استري سماج آهي. ان هڪ سڀا ڪوٺائي آهي، جنهن ۾ جدا جدا جاتين جون عيوضياڻيون پنهنجي پنهنجي جاتيءَ جي اتهاس، ڪلچر، ساهت، سنگيت وغيرهه بابت ڪجهه ٻڌائينديون.“

”سو تون اُتي سنڌين جي عيوضي ٿي وينديءَ؟“

”توهانجو اڳيئين پيري چيو هو ته جيڪو سنڌي، پنهنجي ٻولي ڳالهائي ٿو، سو سنڌي جاتيءَ جو سپاهي آهي! ڏسو هن پيري توهان سان سڀ سنڌي ۾ ڳالهايو اٿم نه ....“

”ڏاڍي چالاڪ آهين. منهنجيئي ڳالهه سان مونکي اچي پڪڙيو اٿيئي.“

”۽ مونکي جو اچي استري سماج ۾ پڪريو اٿن. چي: توهان سنڌين ۾ به اسان وانگر سنت، مهاتمائون، اهتڪار، سنگيتڪار ۽ ڏڻ وار هوندا. مون چيو مان: ها ها، ضرور هوندا. مان ڇو پٺتي پوان؟“

”ڏاڍو فخر ٿيو اٿيئي سنڌي هجڻ تي؟“

”سو ته ٿيندومئي. سڀني کي پنهنجي پنهنجي جاتيءِ تي فخر آهي ته مان ڇو نه ڪريان. اسين ڪيترو به ڪٿي انگريزي ڳالهايون، هندي ڳالهايون پر رهنداسين ته سنڌيئي نه ....“

مان هن ننڍي ٿهيءَ جي ناز تي فخر ڪرڻلئي ڪريان ته هوءَ واچ ڏسي اٿي کڙي ٿي ”مان شام جو ايندس. سوالن وارو پنو ڪٽي. ٺيڪ آهي نه ؟“

هوءَ ڇا ويئي آهي! پر مونم پنهنجيءَ نئين نسل لاءِ اميدن جي جوت جاڳائي ويئي آهي.

# پکي سونهبو پنهنجي

شامي، اصل ان طرح لهر ۾ اچي ويندي، اهڙي ڳالهه ته دروءَ ڪڏهن به ڪانه سوچي هئي. شاميءَ جي پر واريءَ ڄڄهه ۾ڪئي، ڪيس ڇهه مهينا گذري ويا هئا، پر شاميءَ ڪي سڀئين سنجيدي ٿئي ڏٺو هئائين. درو پهرين ته ”آنٽي ممٽي“ ڪري سڏيندي هئس، پر

شامي جي ناراض ٿيڻ تي ”دادي“ ڪري سڏڻ لڳي هئس.

داديءَ لاءِ عزت ۽ پيار به هوس. ويتر جو داديءَ جو پاٽيجو شادي ڪرڻ لاءِ ولاتي مان اچي، داديءِ وٽ لٿو ته درو جڻ شاميءَ جي نندي پيڻ ڀڄي ويئي. گڏجي وجي چوڪري پسند ڪري آيون ته ڪپڙو ٻه گڏجي وٺي آيو...

مگر لاڏن مهل شامي هن طرح ”تتوءَ تتوءَ“ ڪندي اٿي نچڻ لڳندي، اهڙو ڪيس خواب خيال ۾ ڪين هو. دروءَ ڪيس زنده دلي سان نچندو ڏٺو ته سندس نستي جسم ۾ ٻه خوشي جي لهر ڊوڙي ويئي. خوشي ڪي ڳولڻ لاءِ ته هوءَ پنهنجو فلئٽ ٻه ڇڏي ڪئي هئي!.....

لاڏي هلندي، ”تولاءِ سپاهي ٻه گهرايان؟ وزير سڏايان؟ راجا ڪي مجايان؟ ”ڇڻ ته سهٽي؟ ڪڇ ملؤڪلڻ؟“ چوندي جو سيني ڪٽي دروءَ ڏانهن نهاريو ته درو سڄي سڪور جي سوڙهي ٿي ويئي، زالون ڪيس تهڪئين وڏيڪ ڇيڙڻ لڳيون. ڏاڍا ڪليا ڪليا چرچا ڪسڻ لڳيون. دروَ ته ڪڏهن ههڙي محفل ڏٺي ئي نه هئي. سندس لونڊڙين ۽ ڪان جي پاپڙين ۾ خون تڪڙو ڊوڙڻ لڳو. هٿن سان منهن ڪٽي ڊيڪيئين. سڄي محفل ۾ تهڪڙو ٻڄي ويو.

شاميءَ، چمچي سان دهل مٿان نڪ نڪ ڪندي ”پپيهو ٻولي تن ۾“ شروع ڪري ڇڏيو. وچ وچم ساڪيون هلڻ لڳيون. وايو منڊل سوز ۽ درد سان پرجي ويو دروءَ پاڻ ڪي سمنڊ تي لڏندڙ ٻيڙي ۾ لڏندو محسوس ٻئي ڪيو. پاڻ ساڪيون نه ٻئي ڇئي سگهي، پر وٽيس اهڙو جو دل ٻئي ٿيس ته پنو پينسل ڪٽي لکي وٺي. ليڪن ڪيس سنڌي لکڻ ٿي ڪئي؟

ساڪي ڏيڻ مهل دهل جي ڏڪ ڏڪبند ڪئي ئي ويئي. انڪري ساڪي ڏيڻ واريءَ جو آواز وڏيڪ سريلو ۽ درديلو ٻئي لڳو. هڪڙي پنيان وڏيڪ ۽ وڏيڪ درد فراق جون ساڪيون ٻئي ڏٺئون. چي:

”سڄڻ وڃين ٿو پرديس ته ميرو ٿي گهمجانءِ

ڌوٻيءَ ڌوتا ڪپڙا مور نه پاڄئانءِ،

هردم ياد ڪجان ته پتنگڙي اٿئي هن ديس ۾.“

اها ساڪي ٻڌندي ته هڪڙي نندي نيٽيءَ جو من جهليوئي نه ٿيو. هوءِ روئي پيئي. ڳوڙها لڪئڻ لاءِ اٿي ٻاهر ويئي.

شاميءَ چيو، ڇڏيو هاڻي ساڪيون، ويچاريون گهوٽن کان وڇڙيل دليون وجهلي ٿيون پون. مون هيڏيءَ ساري سيٽن سڄڻن واري ڪي ٻه وڻڻ پيو اچي.“

سيني ڪان ٺهڪ نڪري ويو.

درو من ۾ جهاتي پاتي ته ڪيس ٻه پنهنجو من ٻلڪل ڳورو محسوس ٿيو. ۽ شاميءَ شروع ڪري ڇڏيو:

ٻاروچو، منهنجو ولائت کان ٿو اچي.“

هڪڙي پڇيو، ”ادي پوءَ ڪا ڪٽبٽ گهرئي اٿئي ٻاروچي لاءِ؟“

ٻيءَ جواب ڏنو، ”چو نه ادي، هالن مان جنڊيءَ جي کٽ گهرئي اٿم.“

دروءَ پڇيو، جنڊي ڇا؟“ ليڪن ايترو آهستي چو جو رڳو شاميءَ هٿن ۽ ڪنڌ ڪي لوڏو ڏياري چيو، ”ماٺ ڪر ماٺ، مٺئي! ڊنلپ جي گاديلي وارو پلنگ نهرايو اٿم، سنڌ فنيچر واري ڪان.“

رتن سمهجي ويو هو ته دروءَ کي چاجي گهرج هئي هفتوبه مٿن سڪٽن ۾ دلالن پنيان ڊڪ ڊوڙ ڪري هڪ سنڌي ڪالوني ۾ مسواڙي جاءِ ڳولي آيو. جاءِ دروءَ کيبه پسندڪئي. ليڪن ٿورو ڊڄي چيائين، ”ڏسو، مان ته رهي آهيان هندستان کانٻاهر. جتي سنڌياڻيون کي ورلي رهنديون هيون. هتي الاجي ڪيئن هن پاڙي جي سنڌياڻين سان هري سگهنديس....“

رتن همٿائيندي چيو هوس، ”ڊپ نه ڪر. سنڌي وريبه پنهنجا آهن“ ۽ جڏهن درو سچ پچ هئي پاڙي وارين سان هري ويئي، تڏهن رتن چيو هوس. سچ چيو اٿن. ”راڻي چاهيٻانهي، پکي سونهبو پنهنجي“

درو جڏهن دهل جي ڌمڪ، ناچ جي ڌج ڌج ۾ گيت جي گونج ڪٺي گهر ۾ ڪئي، تڏهن ڏسي ته گهوٽس ويني چانهه ٺاهي. کلي چيائين، ”مونکي چو نه سڏيوءَ. ڪو پري ٿوروئي ويئي هئس.“

”اڙي راڻي! مسين مسين ته سنڌين جي محفل ۾ وجي روح ريڌو هوءَ. سو انم ڪيئن رخنو وجهندس.“

دروءَ کلي چيو، ”سنڌياڻين محفل واه جي مچائي هئيٻيلي آهن سچ پچ زنده دل. اصل ڳالهه ڳالهه ۾ڊرامو ٺاهي ٿيون وڌن.“

”تڏهن چا سمجهيو اٿيئي. سنڌي دماغ اهي موهن جي دڙي وارو. نج اصل دماغ. ڪو اڄڪلهه جو پلاسٽڪ جو دماغ ڪو نهي.“

”مونکي ته اڳي سنڌي وٽنڪي ڪونه هئا.“

”پلا سنڌين سان گڏ رهي جا نه هئينءَ. اسڪولبه پڙهينءَ انگريزي ته ڳالهه سکينءَ انگريزي. شڪر آهي جو سنڌي ته ڳالهائي سگهين ٿي.“

”ولائت ۾ هجبو هو ته اتي گهر ۾ سنڌي ڳالهائڻي پوندي هئي. اڄ انهيءَ سنڌي ڳالهائڻئي تمبچائي ورتو اٿم. نه ته هن پاڙي ۾به جيڪر مان پاڻکي اوپري ۽ اڪيلي محسوس ڪريان ها.“

”چئبو ته توتي سنڌياڻين جي محفل جو رنگ چڙهي ويو آهي“ چوندي رتن شرارتي نموني مشڪيو.

درو، لاڏن جي محفل تان موٽي هئي ته سندس سونهنئي نکريڪئي هئي. خون ۾ ڏاڍي حرارت اچي ويئي هئس. پتيءَ جو هٿ پنهنجي ڳل تي رکي چيائين، ”ڏسو ته تپي لوهه تي ويا آهن... الا، سنڌياڻيون گاريون ته ڪيئن ڏين ٿيون“

رتن کلي چيو، ”شادي مراديءَ ۾ ته گاريون هر ڪنهن جاتيءَ ۾ ڏيندا آهن. پيار وچان ڏنل گاريون ته گهريءَ جذبات جو ۽ پنهنجائيءَ جو اظهار هونديون آهن..“

دروءَ ڏاڍيءَ ناز ادا سان ڦيرو ڀائي چيو، ”ها، توهين تمبسڪئينئي چوندا“ سندس اکين جي ڪنڊن مان مستي ٽپي ٽپڪي.

”اهو پلا ڪوئي سنڌي ناچ سکيڪئي آهين چا؟“ رتن هيٺرن ڏينهن ڪانپوءِ درو جي ڳلن ۾ لالائي ڏسيبهارمبهار ٿي ويو هو.

---------------------------------